# بِسمِ اللہ شریف جون برڪتون

**08-September-2022**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

8 سيپٽمبر، 2022 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو بيان

# بِسمِ اللّٰه شريف جون برڪتون

## هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ...

✿... بِسمِ الله شريف قرآنِ ڪريم جي آيت جو هڪ حصو آهي

✿... بِسمِ الله شريف جي 19 اکرن جون حڪمتون

✿... بِسمِ الله شريف پڙهڻ جو ثواب

✿... بِسمِ الله شريف پڙهڻ واري جي بخشش ٿي وئي

✿... بِسمِ الله شريف جون 14 برڪتون

پيشڪش

مجلس اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط

اَمَّا بَعْدُ! فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله     وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف

(ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## دُرودِ پاڪ جي فضيلت

حضرتِ سيّدنا حفص رومي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تمام وڏا سردار هئا، انهن جي وفات کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: مَافَعَلَ اللهُ بِكَ يعني اللّٰه پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن جواب ڏنو: اللّٰه پاڪ مون تي رحم فرمايو، منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي ۽ مونکي جنّت ۾ داخل فرمايو. پڇيو ويو: ڪهڙي عمل جي سبب؟ جواب ڏنائون: جڏهن مان بارگاهِ اِلٰهي ۾ حاضر ٿيس ته الله پاڪ فرشتن کي منهنجي گناهن ۽ منهنجي پڙهيل درودِ پاڪ جو حساب لڳائڻ جو حڪم ڏنو، جڏهن حساب لڳايو ويو منهنجا درود منهنجي گناهن کان وڌيڪ نڪتا ته الله پاڪ ارشاد فرمايو: اي منهنجا فرشتؤ! هن جو مرتبو توهان جي لاءِ واضح ٿي ويو، تنهنڪري هن کان وڌيڪ حساب نه وٺو ۽ هن کي جنّت ۾ وٺي وڃو.[(1)]

دُرود اُن پہ بھیجو سلام اُن پہ بھیجو     یہی مؤمنوں سے خدا چاہتا ہے
اگر کوئی اپنا بھلا چاہتا ہے     اُسے چاہے جس کو خدا چاہتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!     صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]....اَلْقَوْلُ الْبَدِيْع، صفحہ:124

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سني نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخِل ڪرائيندي آهي.(1)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سنيون سنيون نيتون ڪريون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ۞ رضاءِ الٰهي جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بااَدَب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻُڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

## يهودي ۽ يهودِڻ جي دلچسپ حڪايت

هڪ يهودي هڪ يهودڻ تي عاشق ٿي پيو، ان تي عشقِ مجازي جو اهڙو ته ڀوت سوار ٿيو جو هي مجنون وانگر ٿي ويو، ايستائين جو ان کي کائڻ پيئڻ جو به هوش نه رهندو هو، پنهنجي ان پريشانيءَ جي حل جي لاءِ هي ان وقت جي وليُ اللّٰه حضرت عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي خدمتِ بابرڪت ۾ حاضر ٿيو ۽ پنهنجو سمورو حال عرض ڪيائين. حضرت عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي هڪ ڪاغذ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڪري ڏني ۽ فرمايائون: هن کي ڳھي ڇڏ!

جڏهن ان يهوديءَ ڪاغذ تي لکيل بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم کي ڳھي ڇڏيو، (پوءِ ڳھندي ئي ان جي دل ۾ انقلاب اچي ويو، ان) عرض ڪيو: اي عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه! مون ايمان جي حلاوت (يعني ايمان جي مٺاڻ) کي ماڻي ورتو ۽ منهنجي دل ۾ نور ظاهر ٿي چڪو، مان اُن عورت (جي عشق) کي وساري چڪو آهيان، مونکي اسلام بابت آگاهه (*Inform*) فرمايو. حضرت عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان کي اسلام جي باري ۾ ٻڌايو ته اهو يهودي بِسمِ اللّٰه جي برڪت سان مسلمان ٿي ويو.

هوڏانهن جڏهن ان يهودڻ ٻڌو ته ان جو ناڪام عاشق اسلام قبول ڪري چڪو آهي ته اها به حضرت عطاء رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي بارگاهِ عالي ۾ حاضر ٿي، عرض

1...مسند فِردَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895ـ

ڪيائين: اي امامُ المُسلمين! مان ئي اها عورت آهيان جنهن جي عشق ۾ اهو اسلام قبول (*Accept*) ڪرڻ وارو اڳوڻو يهودي مبتلا هو، مون خواب ۾ ڏٺو: ڪو چوڻ وارو مونکي چئي رهيو هو: جيڪڏهن تون جنّت ۾ پنهنجو نڪاڻو ڏسڻ چاهين ٿي تہ حضرت عطاء رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ حاضر ٿي وڃ، هو توکي تنهنجو نڪاڻو ڏيکاري ڇڏيندو. مان حاضر آهيان، ٻڌايو! جنّت ڪاٿي آهي؟ حضرت عطاء رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو: جيڪڏهن جنّت جو ارادو آهي تہ توکي پهريان ان جو دروازو کولڻو پوندو، ان کان بعد تون جنّت ۾ وڃي سگهين ٿي. يهودڻ چيو: جنّت جو دروازو ڪيئن کوليان؟ فرمايائون: بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهه! ان بِسمِ الله شريف پڙهي، (پوءِ پڙهندي ئي ان جي دل ۾ انقلاب (*Revolution*) اچي ويو) چوڻ لڳي: اي عطاء (رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه)! مون پنهنجي دل ۾ نور ماڻي ورتو، مونکي اسلام کان آگاهہ فرمايو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰهِ عَلَيۡه ان تي اسلام پيش ڪيو تہ بِسمِ الله شريف جي برڪت سان اها بہ مسلمان ٿي وئي.

انهيءَ رات جڏهن اها نو مسلم خاتون سُتي تہ خواب ۾ جنّت ۾ داخل ٿي، اتي هڪ خوبصورت محل (*Beautiful Palace*) ۽ گنبذ ڏٺائين، هڪ گنبذ تي لکيل هو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوۡلُ اللّٰهِ

عورت هي الفاظ پڙهيا تہ ڪنهن پڪاري ڪري چيو: اي پڙهڻ واري! الله پاڪ هي سڀ توکي عطا فرمائي ڇڏيو آهي. (1)

| | |
|---|---|
| بسم الله کی بَرَکت ہے | ہم نے پائی جنّت ہے |
| کتنی اچّھی قسمت ہے | یہ سب ربّ کی رَحمت ہے |

## بِسمِ الله شريف قرآنِ پاڪ جي هڪ آيت جو حصو آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم قرآنِ ڪريم جي هڪ پوري آيت آهي

1… ڪتاب القليوبی، حکايت:26،صفحہ:22، 23

جيڪا 2 سورتن جي وچ ۾ فاصلي جي لاءِ لاٿي وئي آهي ۽ سيپارو 19 سورةُ النَّمَل جي هڪ آيت جو حصو بہ آهي[1] ارشاد ٿئي ٿو:

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ﴿۳۰﴾
(سيپارو: 19، سورة نمل: آيت 30)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ اهو اللّٰه جي نالي سان آهي جيڪو نهايت مهربان رحم وارو آهي.

## هل چل مچي وئي

صحابيءِ رسول حضرت جابِر بن عبد اللّٰه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: جڏهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ نازل ٿي تہ ڪڪرَ اُوڀر ڏي ڊوڙيا، هوائون رڪجي ويون، سمنڊ جوش ۾ اچي ويو، چوپاين غور سان ٻڌڻ جي لاءِ پنهنجا ڪن لڳايا ۽ شيطان کي آسمان مان پٿر هنيا ويا ۽ اللّٰه پاڪ فرمايو: مونکي منهنجي عزت ۽ جلال جو قَسم! جنهن شيءِ تي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ پڙهي وئي مان ان ۾ برڪت ڏيندُس.[2]

## بِسمِ اللّٰه شريف جي جامعيت

اللّٰه پاڪ ڪجھ انبياءِ ڪرام عَلَيهِمُ السَّلام تي صحيفا ۽ ڪتابَ نازل فرمايا جن جي تعداد 104 آهي. انهن مان 60 صحيفا حضرت شعيب عَلَيهِ السَّلام تي، 30 صحيفا حضرت ابراهيم عَلَيهِ السَّلام تي، 10 صحيفا حضرت موسٰي عَلَيهِ السَّلام تي تورات لهڻ کان پهريان نازل ٿيا هئا. اهڙيءَ طرح 4 وڏا ڪتابَ نازل ٿيا: (1): تورات شريف حضرت موسٰي ڪليمُ اللّٰه عَلَيهِ السَّلام تي (2): زَبور شريف حضرت داؤد عَلَيهِ السَّلام تي (3): اِنجيل شريف حضرت عيسٰي روحُ اللّٰه عَلَيهِ السَّلام تي ۽ (4): قرآنِ ڪريم اسان جي پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي. انهن تمام ڪتابن ۽ تمام صحيفن جا مضامين (*Topics*) قرآنِ ڪريم ۾ ۽ سڄي قرآنِ ڪريم جو مضمون سورةِ فاتِحہ ۾ ۽ سورةِ فاتِحہ جو سمورو مضمون بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ۾ ۽

1… حلبى الكبير،صفحہ: 307 ملتقطاً

2… تفسير در منثور ،پاره:1، سورة فاتحہ،جلد:1،صفحہ:26۔

بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ جو سڄو مضمون ان جي ب حرف ۾ موجود آهي ان جي معنٰي هيءَ آهي: بِیۡ کَانَ مَاکَانَ وَبِیۡ یَکُوۡنُ مَایَکُوۡنُ (يعني جيڪو ڪجهه بہ آهي مون (يعني الله پاڪ) ڪان ٿي آهي ۽ جيڪو ڪجهه ٿيندو مون (يعني اللّٰه پاڪ) طرفان ٿي ٿيندو.) (1)

## هر جائز ڪم بِسمِ اللّٰه سان شروع ڪريو!

اي عاشقانِ رسول! الله پاڪ جي پاڪ ڪلام، قرآنِ ڪريم جي شروعات بِسۡمِ الله سان ٿيندي آهي، ان ۾ اسان جي لاءِ هي درس آهي تہ اسان بہ پنهنجا ڪم بِسۡمِ الله سان شروع ڪندا ڪريون. حضرت علاّمہ احمد صاوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: قرآنِ پاڪ جي شروعات بِسۡمِ الله سان ان ڪري ڪئي وئي تہ جيئن اللّٰه پاڪ جا ٻانها هن جي پيروي ڪندي هر چڱي ڪم جي شروعات بِسۡمِ الله سان ڪن. (2) حديثِ پاڪ ۾ بہ (چڱي ۽) اهم ڪم جي شروعات بسم اللّٰه سان ڪرڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي. (3)

مشهور مفسّرِ قرآن، حڪيمُ الامّت، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه بِسۡمِ الله شريف جي تَفسِير ڪندي لکن ٿا: عرب جا ڪافر پنهنجي هر ڪم کي پنهنجي ڪوڙن خدائن جي نالي سان شروع ڪندا هئا، تنهنڪري ضروري ٿيو تہ مسلمان پنهنجي هر ڪم کي اللّٰه پاڪ جي نالي سان شروع ڪن تہ جيئن ڪافرن جي مخالفت ظاهر ٿئي، هن مان هي بہ خبر پئي تہ مسلمان جو هر ڪم غير مسلمن جي خلاف هئڻ (*Opposite*) گهرجي انهن سان محبت ۽ مشابهت نهايت ئي خراب شيءِ آهي. (4)

چھوڑ دے سارے غَلَط رَسم و رَواج | سنتوں پر چلنے کا کر عہد آج
خوب کر ذکرِ خدا و مصطفٰے | دل مدینہ یاد سے ان کی بنا

---

1⋯ اَلمَجَالِسُ السَّنِيّة ،صفحہ:3۔

2⋯ حاشيہ صاوی على تفسير الجلالين، ،پاره:1،سورۂ فاتحہ ،جلد:1،صفحہ: 35 خلاصۃً ۔

3⋯ جامع لاخلاق الراوی،32باب اتخاذ المستملی،صفحہ :322،حديث:1198ماخوذاً۔

4⋯ تفسيرِ نعيمی ،پاره:1،سورۂ فاتحہ،جلد:1 ،صفحہ:47 ملتقطاً و بتغير قليل ۔

## بِسمِ اللّٰہ جي 19 اکرن جون حڪمتون

امام فخرُ الدّين رازي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم جا 19 اکر آهن ۽ دوزخ تي عذاب ڏيڻ وارا فرشتا بہ 19 آهن بس اميد آهي تہ هن جي هڪ هڪ اکر جي برڪت سان هڪ هڪ فرشتي جو عذاب دور ٿي وڃي.

وڌيڪ فرمائن ٿا: ڏينهن رات ۾ 24 ڪلاڪ آهن جن مان 5 ڪلاڪ 5 نمازن گهيري ورتا ۽ 19 ڪلاڪن جي لاءِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم جا 19 حروف عطا فرمايا ويا. هاڻ جيڪو خوش نصيب بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم جو وِرد ڪندو رهي، اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! ان جو هر ڪلاڪ عبادت ۾ شمار (*Count*) ٿيندو ۽ هر ڪلاڪ جا گناهہ معاف ٿيندا.[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! غيبتن ۽ گناهن ڀري گفتگو کان رشتو ٽوڙيو! ۽ اللّٰہ پاڪ جي يادين، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي نعتن سان رشتو جوڙيو! خوب درود ۽ سلام جي لاءِ زبان جو استعمال ڪيو ۽ خوب خوب تلاوتِ قرآنِ پاڪ ڪيو ۽ ثواب جو ڍيرون ڍير خزانو حاصل ڪيو.

رِہائی مجھ کو ملے کاش! نفس و شیطاں سے
ترے حبیب کا دیتا ہوں واسِطہ یا ربّ!
گُناہ بے عدد اور جرم بھی ہیں لاتعداد
کر عَفو سہ نہ سکوں گا کوئی سزا یاربّ!

## ڪم اڌورا رهجي ويندا آهن

اللّٰہ پاڪ جي پياري ۽ آخري نبي، رسولِ هاشمي، محمدِ عربي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: كُلُّ اَمۡرٍ ذِیۡ بَالٍ لَا یُبۡدَءُ فِیۡہِ بِبِسۡمِ اللّٰہِ فَھُوَ اَقۡطَع يعني جيڪو بہ اهم ڪم بسم اللّٰہ سان شروع ناهي ڪيو ويندو، اهو اڌورو رهجي ويندو آهي.[(2)]

---

1⋯ تفسير ڪبير ،پاره:1،سورة فاتحہ،جلد:1،صفحہ:156۔

2⋯ جامع صغير، صفحہ:391، حديث:6284۔

پيارا اسلامي ڀائرو! غور فرمايو! ڪيتري محرومي آهي جو جيڪڏهن چڱي ۽ اهم ڪمن کان پهريان بِسۡمِ الله شريف نه پڙهي وڃي ته ڪمَ اَڌورا رهجي ويندا آهن، انهن ۾ برڪت ناهي هوندي. ٿي سگهي ٿو ته ذِهن (*Mind*) ۾ خيال اچي ته مان ته بِسۡمِ الله ناهيان پڙهندو، پوءِ به منهنجا ڪمَ ته پورا ٿيندا آهن.

جواباً عرض آهي ته ڪم بظاهر پورو ٿي وڃڻ ٻي ڳالهه آهي ۽ ان ۾ برڪت نه هئڻ ٻي ڳالهه، مثال طور ڪنهن بِسۡمِ الله پڙهڻ بغير ماني کاڌي، ظاهر ۾ کاڌو نڙيءَ کان هيٺ ته لهي ويندو پر ان ۾ برڪت نه ٿي ۽ کاڌو چڱي طرح هضم ٿي ڪري بدن جو حصو نه بڻيو ته...؟ اَڄُ ڪلهه هي مسائل عام آهن، ڪم تمام گهٽو هلندو آهي، آمدن (*Income*) چڱي ڀلي ٿيندي آهي، پوءِ به پوري ناهي ٿيندي، کاڌو کائيندا آهيون پر جسم کي لڳندو ناهي، ڪافي ماڻهو شڪايت ڪندي نظر ايندا آهن ته ڏينهن خراب هلي رهيا آهن، سونَ کي هٿ هڻان ته مٽي ٿي ويندو آهي، طالبِ علمن کي شڪايت هوندي آهي: محنت گهڻي ڪندا آيون پر سبق ياد ئي ناهي ٿيندو وغيره. انهن سيني مسئلن جا ٻيا به سبب (*Reasons*) آهن، هڪ سبب بِسمِ الله شريف سان شروع نه ڪرڻ به ٿي سگهي ٿو.

## بد شگوني کان بچندا رهو!

اسان وٽ هي مرض به تمام گهڻو عام آهي ته ماڻهو پنهنجي غلطي تسليم ناهن ڪندا، ٻين کي قصور وار سمجهندا آهن. هاڻي جيئن صفرُ المظفر جو مبارڪ مهينو آهي۔هن مهيني ۾ ڪنهن شادي ڪئي، خوب ڍهل شرنايون وڳيون ، سڄي رات ڳائڻ وڄائڻ ٿيو، رقص جي محفل سڄي، شيطان کي خوب خوش ڪيو ويو، الله نه ڪري اهڙي شادي جيڪڏهن خانه آبادي جي بدران خانه بربادي جي صورت اختيار ڪري وئي ته چوندا ڏنوَ!...!! صفر ۾ شادي ڪئي هئائين، صفر ته آهي ئي نحوست وارو مهينو ۔ صبح نمازِ فجر جو وقت گذرڻ کان بعد آرس ڀڄندي مزي سان اٿيا، جلدئي ۾ تياري ڪئي، دڪان يا دفتر ۾ پهتا، ڪو مسئلو ٿي پيو، آمدن گهٽ ٿي يا سيٺ دڙڪا ڏنا ته قصور ڪنهن جو؟

صبح اٿندي ئي جنهن جو منهن ڏٺو هو ان جو، يا ڪاري ٻلي جو جيڪا اڳيان گذري وئي هئي. الامان والحفيظ!

اي عاشقانِ رسول! قصور نہ صفر مهيني جو آهي، نہ ويچاري ٻليءَ جو، قصور پنهنجو آهي، چڱي ڪم جي شروعات الله پاڪ جي نالي مبارڪ سان ڪئي وڃي ها، ربِّ ڪريم جي حضور شڪر جو سجدو ڪيو وڃي ها تہ برڪت ٿئي ها، جڏهن شيطان کي خوش ڪرڻ وارن ڪمن سان شروعات ڪئي وئي، الله پاڪ جو نالو نہ ورتو ويو تہ برڪت ڪٿان ايندي؟

اهڙيءَ طرح ٻيون بہ ڪوڙ ساريون بدشگنيون ورتيو وينديون آهن، ڏينهن مان بدشگوني ورتندا آهن، جانورن مان بدشگوني ورتندا آهن، ايستائين جو ڳِٽِپ وارن نمبرن مثال طور 13 نمبر مان بدشگوني ورتندا آهن. الله پاڪ اسان کي محفوظ فرمائي! اهڙي بدشگونين ۽ وهم پرستين ۾ پوڻ بجائي جيڪڏهن اسان پنهنجي عادات (***Habits***) ۽ معمولات تي غور ڪريون، ناڪامي (***Failure***) جو اصل جيڪو سبب آهي، ان کي تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! فائدو ٿيندو. الله پاڪ اسان سڀني کي عقلِ سليم عطا فرمائي.

## بِسمِ الله شريف جي ديواني

شيخ طريقت، اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب فيضانِ سنّت ۾ آهي:

هڪ مبلغ اجتماع ۾ بِسمِ الله شريف جا فضائل بيان فرمائي رهيو هو. هڪ يهودڻ چوڪري بِسْمِ الله شريف جا فضائل ٻڌي ڪري تمام گهڻو متاثر ٿي ۽ ان اسلام قبول ڪري ورتو. ان جي زبان تي بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جو ورد جاري ٿي ويو. هر وقت اٿندي، ويهندي، سمهندي، جاڳندي، هلندي، ڦرندي، بِسمِ الله پڙهندي رهندي هئي. چوڪري جا ڪافر والدين ان کان سخت ناراض (***Angry***) رهڻ لڳا، ان کي طرح طرح جون تڪليفون ڏيندا ها، ايستائين جو اسلام جي دشمني جي سبب هن ڪوشش ۾ لڳي ويا تہ پنهنجي ڌيءُ تي ڪو الزام هڻي

ڪري مَعاذَ الله! ان کي قتل ڪرائي ڇڏين.

چوڪريءَ جو پيءُ وقت جي بادشاهه جو وزير هو، هڪ ڏينهن ان شاهي مهر واري منڊي ڌيءُ کي رکڻ جي لاءِ ڏني، چوڪريءَ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري منڊي ورتي ۽ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري کيسي ۾ وجهي ڇڏي. رات جو جڏهن اها سمهي رهي تہ سندس پيءُ ان جي کيسي مان منڊي ڪڍي ڪري درياء ۾ اڇلائي ڇڏي. هڪ مڇيءَ اها منڊي ڳِهي ڇڏي. صبح جو هڪ شڪاري ڄار هنيو تہ اتّفاق سان اها ئي مڇي ڄار ۾ ڦاسي پئي، ان ڪٽي ڪري وزير کي تحفي طور ڏني، وزير پچائڻ جي لاءِ چوڪريءَ جي حوالي ڪري ڇڏي. چوڪريءَ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري مڇي ورتي، جڏهن بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري ان جو پيٽ چيريائين تہ ان مان منڊي نڪري پئي، ان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري کيسي ۾ رکي ڇڏي ۽ مڇي پچائي ڪري پيءُ جي اڳيان رکي ڇڏي، کاڌو کائڻ کان بعد جڏهن دربار جو وقت ٿيو، پيءُ چوڪريءَ کان منڊي (***Ring***) گهري، ان نو مسلم چوڪريءَ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري کيسي مان ڪڍي پنهنجي پيءُ کي ڏئي ڇڏي. پيءُ هي ڏسي ڪري حيران ٿي ويو، ايئن الله پاڪ بسم الله جي ديواني کي قتل ٿيڻ کان محفوظ فرمائي ورتو.[(1)]

سُبۡحان الله! ڏٺو توهان! ڪاري ٻلي يا ڪو ٻيو وهم تہ ڇا سامهون آيو، چوڪريءَ جي پيءُ جي ڀرپور ڪوشش بہ ڪجهہ نہ بگاڙي سگهي بِسمِ الله جي برڪت سان چوڪري پنهنجي ڪم (يعني منڊي جي حفاظت) ۾ ڪامياب بہ ٿي ۽ قتل ٿيڻ کان بہ بچي وئي. اللّٰہ پاڪ جي نالي ۾ واقعي برڪت آهي، اسان بہ بدشگنيون ڇڏي، بِسمِ الله پڙهڻ جي عادت بڻايون، جيڪڏهن يقين مضبوط هوندو تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! برڪتون ملنديون.

---

1… فيضان سُنت، صفحہ:85-86۔

## ڪائڻ ڪان پهريان بِسمِ اللّٰه پڙهو!

ڪائڻ پيئڻ ڪان پهريان بسم الله پڙهڻ سنّت آهي. حضرت حذيفه رَضِیَ اللهُ عَنْه روايت ڪن ٿا ته پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن ڪاڌي تي بسم الله نه پڙهي وڃي اهو ڪاڌو شيطان جي لاءِ حلال ٿي ويندو آهي (يعني بسم الله نه پڙهڻ جي صورت ۾ شيطان ان ڪاڌي ۾ شريڪ ٿي ويندو آهي.)(1)

ڪائڻ ڪان پهريان بِسمِ الله نه پڙهڻ سان ڪاڌي ۾ بي برڪتي ٿيندي آهي. حضرت ابو ايّوب انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا، اسان تاجدارِ رسالت، ماهِ نُبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمتِ سراپا رحمت ۾ حاضر هياسين. ڪاڌو پيش ڪيو ويو، شروع ۾ ايڏي برڪت اسان ڪنهن ڪاڌي ۾ نه ڏٺي پر آخر ۾ وڏي بي برڪتي ڏٺي. اسان عرض ڪيو: يا رسولَ اللّٰه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ايئن چو ٿيو؟ پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اسان سڀني ڪاڌو ڪائڻ وقت بسمِ اللّٰه پڙهي هئي. پر هڪ شخص بِسمِ الله پڙهڻ جي بغير ڪائڻ جي لاءِ ويهي رهيو، ان سان گڏ شيطان (***Devil***) ڪاڌو ڪائي ورتو.(2)

اُمُّ الْمُؤمنين حضرت عائشه صديقه رَضِیَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون ته تاجدارِ مدينه، راحتِ قلب و سينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏهن ڪو شخص ڪاڌو ڪائي ته الله پاڪ جو نالو وٺي (يعني بسم الله پڙهي) ۽ جيڪڏهن شروع ۾ بسم الله پڙهڻ وسري وڃي ته هيئن چئي: بسم اللّٰهِ اَوَّلَهٗ وَاٰخِرَهٗ.(3)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** جڏهن به ڪاڌو ڪائو ته ياد ڪري بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم پڙهي وننڊا ڪريو. جيڪو ڪاڌو ڪائڻ ڪان پهريان بِسْمِ الله ناهي پڙهندو ان جي ڪاڌي ۾ قَرِين نالي شيطان به شريڪ ٿي ويندو آهي.

---

1⋯ مسلم ،ڪتاب الاشربة، باب آداب الطعام و الشراب و احڪامهما ،صفحه:802 ، حديث:2017 ـ

2⋯ شرح السنه ،ڪتاب الاطعمه ، ،جلد:6، صفحه: 480، حديث:2824 ـ

3⋯ ابوداؤد ،ڪتاب الاطعمه،باب التسمية على الطعام ،صفحه:596،حديث:3767ـ

## زهر اَثَر نہ ڪيو...!!

هڪ ڀيري صحابيءِ رسول حضرت خالِد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْه کي ڪجهہ مجوسين عرض ڪيو: توهان اسان کي ڪا اهڙي نشاني ڏيکاريو جنهن سان اسان تي اسلام جي سچائي واضح ٿي وڃي. حضرت خالِد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْه زهرِ قاتِل گهرايو ۽ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهي ڪري ان کي پي ڇڏيائون. بسمِ الله جي برڪت سان ان هلاڪ ڪندڙ پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه تي ڪو اثر نہ ڪيو. هي منظر ڏسي ڪري مَجوسي (يعني باهہ جي عبادت ڪرڻ وارا) بي اختيار پڪارڻ لڳا: دينِ اسلام حق آهي. (1)

**پيارا اسلامي ڀائرو!** معلوم ٿيو تہ کائڻ يا پيئڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهي وٺڻ جتي آخرت ۾ عظيم ثواب آهي اتي دنيا ۾ بہ ان جو هي فائدو آهي تہ جيڪڏهن کائڻ يا پيئڻ جي شيءِ ۾ ڪي نقصان ڪار جُزا شامل هجن بہ تہ اهي اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! نقصان نہ ڪندا. خيال رهي! حضرت خالِد بن وليد رَضِیَ اللهُ عَنْه بلند مرتبي وارا صحابي ۽ ڪامل ولي آهن، پاڻ تي زهر اثر نہ ڪيو، هي پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه جي ڪرامت ۽ نهايت ئي اعلٰي درجي جو تَوَڪُّل آهي، اسان جهڙن کي اهڙي ڪوشش ڪرڻ يعني ڄاڻي واڻي ڪري نقصان ڪار شيءِ کائڻ پيئڻ جائز ناهي.

## وُضو کان پهريان بِسمِ اللّٰه پڙهو!

حضرت ابو هريره رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اي ابو هريره! جڏهن توهان وضو ڪيو تہ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم پڙهندا ڪريو جيستائين توهان جو وضو باقي رهندو ان وقت تائين توهان جا فرشتا (يعني ڪِراماً ڪاتِبين) توهان جي لاءِ نيڪيون لکندا رهندا. (2)

## هر قدم تي هڪ نيڪي

تفسيرِ نعيمي ۾ آهي: جيڪو شخص ڪنهن جانور تي سوار ٿيڻ وقت بِسۡمِ الله

---

1... تفسيرِ ڪبير،پاره:1،سورۂ فاتحه،جلد:1،صفحه:155۔

2... معجم صغير للطبرانی ،صفحه:168 ،حديث:196۔

۾ اَلْحَمدُلله پڙهي وٺي ته ان جانور جي هر قدم تي ان سوار جي حق ۾ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي.

اهڙيءَ طرح جيڪو شخص ٻيڙيءَ (*Boat*) ۾ سوار ٿيڻ وقت بِسْمِ الله ۽ اَلْحَمد لله پڙهي وٺي، جيستائين اهو ان ۾ سوار رهندو ان جي لاءِ نيڪيون لکيون وينديون رهنديون. (1)

## روزي ۾ برڪت جو بهترين نسخو

مفتي احمد يار نعيمي رَحمَۃُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم پڙهي ڪري پهريان ساڄو قدم دروازي ۾ داخل ڪرڻ گهرجي پوءِ گهر وارن کي سلام ڪندي گهر ۾ اندر اچو. جيڪڏهن گهر ۾ ڪو به نه هجي ته اَلسَّلامُ عَلَيْكَ اَيُّهاَ النَّبِيُّ وَ رحمَةُ اللهِ وَ بَرَكَاتُه چئو. ڪجھ بزرگن کي ڏٺو ويو آهي ته ڏينهن جي شروعات ۾ گهر ۾ داخل ٿيڻ وقت بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيم ۽ سورة اخلاص (يعني قُلْ هُوَ الله احد) پڙهي وٺندا آهن ان سان گهر ۾ اِتّفاق (*Unity*) به رهندو آهي (يعني جهيڙو ناهي ٿيندو) ۽ روزيءَ ۾ برڪت به ٿيندي آهي. (2)

## ٻارن کي به بسمِ اللّٰه پڙهڻ جي عادت وجهو!

حضرت عيسٰي روحُ الله عَلَيهِ السَّلَام هڪ قبر جي ويجهو گذريا ته عذاب ٿي رهيو هو. ڪجھ عرصي کان بعد ٻيهر گذريا ته ملاحظ فرمايائون ته ان قبر ۾ نور ئي نور آهي ۽ اتي رحمتِ الاهي جي بارش ٿي رهي آهي. پاڻ عَلَيهِ السَّلَام گهڻو حيران ٿيا ۽ بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيائون: مونکي هن جو راز (*Secret*) ٻڌايو وڃي؟ ارشاد ٿيو: اي عيسٰي (عَلَيهِ السَّلَام)! هي شخص گناهگار هئڻ جي سبب عذاب ۾ گرفتار هو، پر انتقال جي وقت هن جي گهر واري اميد سان هئي، ان وٽ پٽ جي ولادت ٿي ۽ اڄ ان کي مڪتب موڪليو ويو، استاد ان کي بسمِ الله پڙهائي،

---

1… تفسيرِ نعيمى،پاره:1،سورة فاتحه،جلد:1،صفحه:55 ـ

2… مرآةالمناجيح،جلد:6،صفحه:9بتغير قليل ـ

مونکي حياء آيو تہ مان ان شخص کي زمين جي اندر عذاب ڏيان، جنھن جو ٻار زمين جي مٿان منھنجو نالو وٺي رھيو آھي. (1)

اے خدائے مصطفےٰ میں، تری رحمتوں پہ قُرباں | ہو کرم سے میری بخشش، بطُفیلِ شاہِ جِیلاں

سُبْحَانَ الله! اسان سيني کي گھرجي تہ پنھنجي ٻارن کي ٽاتا، پاپا سيکارڻ جي بدران شروع کان ئي الله پاڪ جو نالو وٺڻ سيکاريون ۽ صرف ھي ناھي تہ مرڻ وارن والدين کي ئي ھن جون برڪتون حاصل ٿينديون آھن، خود سکڻ سيکارڻ وارن کي بہ ھن جون برڪتون نصيب ٿينديون آھن تنھنڪري پنھنجي ٻارن ٻچن سان ڪيڏيندي سيکارڻ (*Teaching*) جي نيّت سان انھن جي سامھون بار بار الله الله ڪندا رھون تہ اھي بہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! زبان کولينديء ئي سڀ کان پھريون لفظ الله چوندا.

## آفتون دور ٿيڻ جو آسان وظيفو

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آھي، سلطانِ مڪہء مڪرمہ، تاجدارِ مدينيءِ منوّره صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي علي (رَضِیَ اللهُ عَنْه)! مان توھان کي اھڙا ڪلمات نہ ٻڌايان جنھن کي توھان مصيبت جي وقت پڙھي وٺو! عرض ڪيائين: ضرور ارشاد فرمايو! اوھان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي منھنجي جان قربان! تمام چڱايون مون توھان کان ئي سکيون آھن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: جڏھن توھان ڪنھن مشڪل ۾ ڦاسي پئو تہ ھن طرح پڙھو: بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَاحَوْلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّابِاللهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ بس الله پاڪ ان جي برڪت سان جن بلائن کي چاھيندو دور فرمائي ڇڏيندو. (2)

پيارا اسلامي ڀائرو! جڏھن بہ بيماري، قرضداري، مقدّمہ بازي، بي روزگاري (*Unemployment*) يا ڪا بہ آفت اچي وڃي، ڪا شيءِ گُم ٿي وڃي، ڪنھن جي ڳالھ

---

1… تفسير ڪبير،پاره:1،سورۃ فاتحہ،جلد:1،صفحہ:155 بتغير

2… عَمَلُ الْيَوْمِ وَاللَّيْلَةِ لا بن سُنّی ،صفحہ:149، حديث:337

ٻڌي ڪري صدمو (*Shock*) پهچي، ڪو ماري، دل ڌڪائي، ٽاٻو اچي، گاڏي خراب ٿي وڃي، ٽريفڪ جام ٿي وڃي، ڪاروبار ۾ نقصان ٿي وڃي، چوري ٿي وڃي مطلب تہ ننڍي يا وڏي ڪا بہ پريشاني هجي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ وَلَاحَوۡلَ وَلَاقُوَّةَ اِلَّابِاللّٰهِ الۡعَلِيِّ الۡعَظِيۡمِ پڙهندي رهڻ جي عادت بڻائي ونو! تہ اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! ان جون برڪتون نصيب ٿينديون.

## شفا تہ اللّٰه پاڪ جي نالي ۾ آهي

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو بيمار بسمِ الله پڙهي ڪري دوا پئي اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دوا فائدو ڏيندي. هڪ ڀيري حضرت موسٰي ڪليمُ اللّٰه عَلَيۡهِ السَّلَام جي پيٽ ۾ سخت درد ٿيو، اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪيائين. ارشاد ٿيو: جهنگل جي فلاڻي ٻوٽي (*Herb*) کائو! پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام کاڌي ۽ فوراً آرام اچي ويو. ڪجھ ڏينهن کان بعد ٻيهر اها ئي بيماري ٿي، حضرت موسٰي ڪليمُ اللّٰه عَلَيۡهِ السَّلَام ٻيهر اها ئي ٻوٽي استعمال ڪئي پر تڪليف ۾ اضافو ٿي ويو! اللّٰه پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪيائين: الٰهي! هي ڇا راز آهي؟ دوا هڪ ۽ تاثير ٻہ، پهريون ڀيرو ان شفا ڏني ۽ هن ڀيري بيماري وڌائي...؟؟ ارشاد ٿيو: اي موسٰي! پهريون ڀيرو منهنجي حڪم کان ٻوٽيءَ وٽ ويو هئين ۽ هن ڀيري پنهنجي طرف کان. اي موسٰي! شفا تہ منهنجي نالي ۾ آهي، منهنجي نالي جي بغير دنيا جي هر شيءِ زهرِ قاتِل آهي ۽ منهنجو نالو ئي هن جو علاج (*Treatment*) آهي. **(1)**

معلوم ٿيو پروسو دوا تي نہ بلڪ اللّٰه پاڪ تي رکڻ گهرجي. جيڪڏهن اللّٰه پاڪ چاهيندو تڏهن ئي دوا مان شفا ملندي هو نہ چاهي تہ اها ئي دوا بيماري وڌڻ جو سبب (*Reason*) بڻجي ويندي ۽ عام مشاهدو آهي تہ هڪ ئي دوا سان هڪ بيمار صحت مند ٿي ويندو آهي ۽ اها ئي دوا جڏهن ٻيو بيمار پيئندو آهي تہ ان کي منفي اثر (*Side Effect*) ٿي ويندو آهي ۽ وڏيڪ سخت بيمارين ۾ مبتلا يا

---

1⋯ تفسيرِ نعيمى،پاره :1،سورۂ فاتحہ،جلد:1 ،صفحہ:55 بتغير قليل۔

معذور ٿي ويندو يا موت جي منهن ۾ هليو ويندو آهي. تنهنڪري جڏهن به دوا پيو ته بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي وٺو يا بِسۡمِ اللّٰهِ شَافِيۡ بِسۡمِ اللّٰهِ كَافِيۡ چئي وٺو.

## بخار جو علاج

منقول آهي، هڪ شخص کي بخار ٿيو، ان جي استادِ محترم حضرت شيخ فقيہ ولي عمر بن سعيد رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه عيادت جي لاءِ تشريف کڻي آيا، ويندي وقت هڪ تعويذ عنايت ڪري فرمايائون: هن کي کولي ڪري نہ ڏسجانءِ. سندن وڃڻ کان بعد ان تعويذ ٻَڌي ڇڏيو، فوراً بخار لهي ويو. هو رهي نہ سگهيو، کولي ڪري ڏٺائين تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هئي. دل ۾ وسوسو آيو، هي تہ ڪو بہ لکي سگهي ٿو! عقيدت ۾ گهٽتائي ايندي ئي فوراً بخار (***Fever***) موٽي آيو. گهٻرائي ڪري حضرت جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ غلطيءَ جي معافي گهريائين. شيخ ٻيهر تعويذ ناهي ڪري پنهنجي مبارڪ هٿ سان ٻڌي ڇڏيو، بخار فوراً لهي ويو. هن ڀيري ڏسڻ کان منع نہ فرمايو هو پر خوف سبب کولي ڪري نہ ڏٺائين. آخرڪار سال کان بعد جڏهن کولي ڪري ڏٺائين تہ اها ئي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکيل هئي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جون وڏيون برڪتون آهن ۽ هن ۾ بيمارين جو علاج بہ آهي. هن حڪايت مان درس مليو تہ بزرگانِ دين، الله پاڪ جا ٻانها جيڪڏهن مباح (يعني جائز) ڳالھ کان بہ منع ڪري ڇڏين تہ سمجھ ۾ نہ اچڻ جي باوجود بہ ان کان رڪجي رهڻ گهرجي. هي بہ درس مليو تہ تعويذ کولي ڪري نہ ڏسڻ گهرجي جو هن سان اعتقاد ڪمزور ٿيڻ جو انديشو رهندو آهي. ٻيو تہ هن کي ويڙهڻ جي مخصوص طريقي سان گڏوگڏ ويڙهڻ جي دوران ڪڏهن ڪجھ پڙهيل بہ هوندو آهي. تنهنڪري کولي ڪري ڏسڻ سان ان جي فائدن (***Benefits***) ۾ گهٽتائي اچي سگهي ٿي.

## مٿي جي سور جو علاج

قيصرِ روم (روم جو بادشاھ) مسلمانن جي ٻئين خليفي حضرت عمر فاروقِ

[1] ... فيضان سنت،صفحہ :63۔

اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ کي خط لکيو تہ مونکي هميشہ متي جي سور جي شڪايت (*Complaint*) رهي ٿي جيڪڏهن توهان وٽ هن جي دوا هجي تہ موڪليو! حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہ ان کي هڪ ٽوپي موڪلي، قيصرِ روم ان کي پائيندو هو تہ ان جي متي جو سور هليو ويندو هو ۽ جڏهن متي تان لاهيندو هو تہ متي جو سور ٻيهر موٽي ايندو هو. ان کي وڏو تعجب ٿيو. آخر ڪار ان ٽوپيءَ کي کوليو تہ ان ۾ هڪ ڪاغذ نڪتو جنهن تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيل هئي. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان هي معلوم ٿيو تہ جنهن کي متي ۾ سور هجي اهو هڪ ڪاغذ تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ڪري يا لکرائي ڪري ان جو تعويذ متي تي ٻڌي ڇڏي. لکڻ جو طريقو هي آهي تہ نہ ڊهڻ واري مَس مثال طور بال پوائنٽ سان لکو ۽ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم جي ”ھ“ ۽ ٽنهي ”م“ جا دائرا کليل رکو، تعويذ لکڻ جو اصول هي آهي تہ آيت يا عبارت لکڻ ۾ هر دائري واري اکر جو دائرو کليل هجي يعني هن طرح مثال طور ط، ظ، ہ، ھ، ص، ض وغيره. اعراب لڳائڻ ضروري ناهن، لکي ڪري موم جامو (يعني موم ۾ آلو ڪيل ڪپڙي جو ٽڪرو ويڙهيو) يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ (*Plastic Coating*) ڪري ونو پوءِ ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي (*Leather*) ۾ تعويذ ناهي ونو، ۽ متي تي ٻڌي ڇڏيو جنهن کي عمامو شريف جو تاج سجائڻ جي سعادت حاصل آهي اهي چاهين تہ عمامي شريف جي ٽوپيءَ ۾ سبي ڇڏين. جيڪڏهن يقين ڪامل هوندو تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْکَرِيْم! متي جو سور ختم ٿي ويندو.

پيارا اسلامي ڀائرو! ياد رکو! سون يا چانديءَ يا ڪنهن بہ ڌات جي ڊٻيءَ ۾ تعويذ پائڻ مرد جي لاءِ جائز ناهي. اهڙيءَ طرح ڪنهن بہ ڌات جو زنجير توڙي جو ان ۾ تعويذ هجي يا نہ هجي مرد کي پائڻ ناجائز ۽ گناهہ آهي. اهڙيءَ طرح سون (*Gold*) چاندي (*Silver*) ۽ اسٽيل وغيره ڪنهن بہ ڌات جي تختي يا ڪڙو جنهن تي ڪجھ لکيل هجي يا نہ لکيل هجي توڙي جو الله پاڪ جو مبارڪ

[1]... تفسير ڪبير ،پاره:1، سورة فاتحہ،جلد: 1، صفحہ:155

نالو يا ڪلمۂ طيّبہ وغيره نقش ٿيل هجي ان جو پائڻ مرد جي لاءِ ناجائز آهي. عورت سون يا چاندي جي دٻيءَ ۾ تعويذ پائي سگهي ٿي.(1)

## نڪهير جو علاج

جيڪڏهن ڪنهن جي نڪهير وهي ۽ رت وهڻ لڳي تہ شهادت جي آڱر سان پيشانيءَ ڪان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم لکڻ شروع ڪري نڪ جي آخر تي ختم ڪري اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! رت بند ٿي ويندي.(2)

اي عاشقانِ رسول! الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي شعبہ جات ۾ هڪ شعبو روحاني علاج بہ آهي، جيڪو رات ڏينهن پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ڏکايل امّت جي غمخواري ڪرڻ ۾ مصروفِ عمل آهي. الحمد لله! لکين بيمار ۽ پريشان حال ماڻهن جو هن شعبي جي ذريعي بلڪل مُفت روحاني علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويندي آهي. اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جي عطا ڪيل روحاني علاج، اوراد ۽ وظيفا ۽ تعويذات جون برڪتون صرف ڪنهن مخصوص علائقي يا شهر تائين ئي محدود ناهن بلڪ الحمد لله! پاڪستان ڪان علاوه 32 ملڪن ۾ اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن جي روحاني علاج جا هزارين بستہ لڳايا وڃن ٿا، جنهن ۾ سڄي دنيا جا پريشان حال مسلمان پنهنجا مسئلا، پريشانيون، بي روزگاري جي مسئلن ۽ جادو جنّات جي معاملن جي حل جي لاءِ هتي رابطو ڪندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان بہ ويجهي لڳڻ واري روحاني علاج جي بستي تان اوراد ۽ وظائف، تعويذات ۽ پنهنجي مسئلن جو حل ڪرائي سگهو ٿا. جادو، جنّات، عمليات، نظرِ بد وغيره مسائل جي حل جي لاءِ ڪاٽ جو عمل بہ ڪيو ويندو آهي. جانورن ۾ پکڙجڻ واري وائرس جي لاءِ تعويذ ۽ روحاني علاج

---

1... فيضان سنت، صفحه : 69

2... فيضان سنت،صفحه: 73

ڪرائي سگھجي ٿو. استخاره سروس جي لاءِ هن نئين نمبر (02137171711) جي ذريعي استخارو بہ ڪرائي سگھجي ٿو پنهنجا مسائل، پريشانيون بي روزگاريون ۽ جادو جنّات جي معاملات جي حل جي لاءِ هتي رابطو ڪيو. مدني چينل تي براهِ راست (*Live*) ٿيڻ وارو پروگرام روحاني علاج ضرور ڏسندا، ان پروگرام ۾ بہ مدني چينل جي ناظرين جي مسائل جي حل جي لاءِ روحاني علاج بہ ٻڌايا ويندا آهن ۽ استخارو بہ ڪيو ويندو آهي.

الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمينٽ موبائل ايپليڪيشن *Online rohani ilaj & istikhara* (آن لائن روحاني علاج ۽ استخارو) متعارف ڪرائي آهي. هن ايپليڪيشن جي مدد سان ❁توهان آن لائن استخارو ڪرائي سگھو ٿا❁بيماري، نظرِ بد، جادو، جنّات وغيره مسائل جي حل جي لاءِ في سبيل الله تعويذات حاصل ڪري سگھو ٿا❁۽ آن لائن ڪاٽ بہ ڪرائي سگھو ٿا.

وڌيڪ هن ايپليڪيشن ۾❁بيماري❁غربت❁غم، پريشاني ❁۽ آفتن ۽ بلائن (*Misfortunes*) وغيره کان حفاظت جي لاءِ مختلف اوراد ۽ وظائف بہ شامل آهن. پنهنجي اسمارٽ فون ۾ هيءَ ايپليڪيشن انسٽال ڪري ونو! پاڻ بہ فائدو کڻو ۽ ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو.

## بِسمِ اللّٰہ لکڻ جي فضيلت

حضرت اَنَس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه کان روايت آهي، پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن الله پاڪ جي تعظيم جي لاءِ بهترين شڪل ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکيو الله پاڪ ان کي بخشي ڇڏيندو،[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکڻ جو عظيم ثواب ماڻڻ جي لاءِ ٿي سگھي تہ ڪڏهن ڪڏهن باوضو خوش خطي سان ڪاغذ وغيره تي بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم لکي ونندا ڪريو، پر بي ادبي واري جڳھ تي هر گز نہ لکو، پٿين تي بہ آيات ۽ مقدس ڪلمات نہ لکو جو آهستہ آهستہ لڪائيءَ جا ذرا زمين تي ڇڻي پوندا آهن.

---

[1]... تاريخ اصبهان، جلد:2،صفحه:285، رقم:1746۔

هڪ ڀيري رسولِ اڪرم، نورِ مجسّم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ڪٿان گذريا، اتي زمين تي بسمِ الله شريف لکيل هئي، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن هي ڏسي ڪري فرمايو: ايئن ڪرڻ واري تي لعنت هجي، بسمِ الله کي ان جي جڳهه تي ئي رکو. (1)

اَزْخُدَا خَوَاہِیم تَوفِیقِ ادب | بے ادب مَحروم گَشت از فضلِ ربّ

**وضاحت:** اسان الله پاڪ کان ادب جي توفيق جا طلبگار آهيون ڇوته بي ادب فضلِ رب کان محروم ٿي ڪري دربدر ذليل ۽ خوار ٿيندو آهي.

## شرابي ولي بڻجي ويو

حضرت بِشر حافي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ توبهه کان پهريان وڏا شرابي هئا. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ هڪ ڀيري شراب جي نشي ۾ مدهوش ٿي ڪري ڪيڏانهن وڃي رهيا ها ته رستي ۾ هڪ ڪاغذ تي نظر پئي جنهن تي بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡم لکيل هو. پاڻ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ اهو کڻي ورتو ۽ عطر خريد ڪري بسمِ الله شريف واري ڪاغذ کي خوشبودار ڪيائين، پوءِ ان کي هڪ بلند جڳهه تي ادب سان رکي ڇڏيائين. انهيءَ رات هڪ بزرگ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ خواب ۾ ٻڌو، ڪو چئي رهيو آهي وڃ! بشر کي چئو ته توهان منهنجي نالي کي خوشبودار ڪيو آهي، ان جي تعظيم ڪئي ۽ ان کي بلند جڳهه تي رکيو اسان به توهان کي پاڪ ڪنداسين. ان بزرگ دل ۾ سوچيو ته بشر ته شرابي آهي. شايد مونکي خواب ۾ غلط فهمي ٿي آهي. بهرحال انهن وضو ڪيو، نفل پڙهيا ۽ وري سمهي پيا. ٻئين ۽ ٽئين ڀيري به اهو ئي خواب ڏٺو ۽ هي سڀ به ٻڌائون ته اسان جو پيغام بِشر جي ئي طرف آهي، وڃو! ۽ انهن کي اسان جو پيغام پهچايو! اهي بزرگ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حضرت بِشر رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي تلاش ۾ نڪري پيا. انهن کي خبر پئي ته اهي شراب جي نشي ۾ آهن ته اتي پهتا ۽ بِشر کي آواز ڏنائون. ماڻهن ٻڌايو ته اهي ته نشي ۾ بد مست آهن! انهن

1 ... تفسير در منثور ،پاره:1، سورة فاتحه،جلد:1،صفحه:29۔

چيو، انهن کي وجي ڪري ڪهڙيءَ طرح ٻڌايو تہ هڪ ماڻهو توهان جي لاءِ ڪو پيغام ڪڻي آيو آهي ۽ اهو ٻاهر بيٺو آهي، ڪنهن اندر وڃي ڪري خبر ڏني. حضرت بشر حافي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمايو: ان کان پڇيو تہ ڪنهن جو پيغام ڪڻي آيو آهي؟ بزرگ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائڻ لڳا: اللّٰہ پاڪ جو پيغام ڪڻي آيو آهيان. جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي هيءَ ڳالھ ٻڌائي وئي تہ جهومڻ لڳا ۽ فوراً پيرين اگهاڙي ٻاهر تشريف ڪڻي آيا اللّٰہ پاڪ جو پيغام ٻڌي ڪري سچي دل سان توبھ ڪيائون ۽ ان بلند مقام تي وڃي پهتا جو اللّٰہ پاڪ جي ديدار جي غلبي جي شدت سان پيرين اگهاڙي رهڻ لڳا. ان ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حافي (يعني اگهاڙن پيرن وارو) جي لقب سان مشهور ٿي ويا. (1)

## بسمِ اللّٰہ پڙهڻ واري جي بخشش ٿي وئي

مسلمانن جو چوٿون خليفو حضرت علي رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان روايت آهي، هڪ شخص بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم کي خوب عمده طريقي سان پڙهيو، ان جي بخشش ٿي وئي. (2)

منقول آهي: هڪ گنهگار کي مرڻ کان بعد ڪنهن خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو، مَافَعَلَ اللهُ بِكَ؟ يعني اللّٰہ پاڪ توسان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان جواب ڏنو، هڪ پيري مان مدرسي جي ويجهو کان گذريس ۽ هڪ پڙهڻ واري بِسۡمِ اللهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي، ٻڌي ڪري منهنجي دل ۾ اللّٰہ پاڪ جي مني مني نالي جي مناڻ اثر ڪيو ۽ انهيءَ وقت مون هي غيبي آواز ٻڌو، اسان ٻن شين کي جمع نہ ڪنداسين (1): اللّٰہ پاڪ جي نالي جي لذّت (2): موت جي سختي. (3)

| | |
|---|---|
| گنہگارو نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ نہ گھبراؤ | نظرِ رَحمت پہ رکھو جنّتُ الفردوس میں جاؤ |

1… تذڪرةُ الاولياء،صفحہ:105 ، 106 ملتقطاً۔

2… شُعَبُ الايمان،جلد:2،صفحہ:546 ،حديث:2667۔

3… انيس الواعظين،صفحہ:4۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هن حڪايت مان معلوم ٿيو تہ الله پاڪ جي ناليِ مبارڪ مان لذّت حاصل ڪرڻ وارو، رحمتن جي ڇانوَ ۾ دنيا مان رخصت ٿيندو آهي ۽ موت ان جي لاءِ نجات ۽ بخشش جو پيغام آڻيندو آهي، الله پاڪ جي رحمت تمام وڏي آهي، هو ننڍڙي نيڪيءَ تي نوازيندو آهي، بظاهر معمولي نظر اچڻ وارن اعمال جي سبب وڏن ڪان وڏن گناهگارن کي بخشيو ويندو آهي.

رَحمتِ حق بَہانَہ می جُوید | رَحمتِ حق بَہانَہ می جُوید

**وضاحت:** الله پاڪ جي رحمت بَهَا (يعني قيمت) طلب ناهي ڪندي بلڪ الله پاڪ جي رحمت تہ بهانو تلاش ڪندي آهي.

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو توهان! بسمِ الله شريف پڙهڻ، ٻڌڻ، ان کي لکڻ ۽ ان جي تعظيم ڪرڻ جون ڪهڙيون ڪهڙيون برڪتون آهن. اسان کي بہ گهرجي تہ اسان بہ بسمِ الله شريف پڙهڻ جي عادت بڻايون، الله پاڪ اسان کي توفيق نصيب فرمائي. اچو! آخر ۾ بسمِ الله شريف بابت ڪجهہ احڪام ۽ ڪجهہ فائدي مند وظائف ٻڌون ٿا:

## بسمِ الله شريف جون 14 برڪتون

(1): حضرت شيخ ابو العباس احمد بن علي بوني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا، جيڪو لاڳيتو 7 ڏينهن تائين بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 786 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي هر حاجت پوري ٿيندي. ڀلي اها حاجت توڙي جو ڀلائي حاصل ڪرڻ جي هجي يا برائي دور ڪرڻ جي يا ڪاروبار هلڻ جي. [1]

(2): جيڪو سمهڻ وقت بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 21 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان رات شيطان، چوري، اوچتي موت ۽ هر طرح جي آفت ۽ بلا کان محفوظ رهندو. (3): جيڪو شخص سج اڀرڻ وقت سج ڏي رخ ڪري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 300 ڀيرا ۽ درود شريف 300 ڀيرا پڙهي الله پاڪ ان کي اهڙي

---

1…شمسُ المعارف مترجَم،صفحہ:74 بتغير قليل۔

جڳهه تان رزق عطا فرمائيندو جتان ان جو گمان بہ نہ هوندو ۽ (روزانو پڙهڻ سان) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هڪ سال جي اندر اندر وڏو امير ٿي ويندو. (4): ڪمزور ذهن وارو جيڪڏهن بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 786 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهي ڪري پاڻيءَ تي دم ڪري پيئي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جو حافظو مضبوط ٿي ويندو جيڪا ڳالهہ ٻڌي ياد رهي. (5): جيڪڏهن ڏڪار هجي تہ بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 61 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) پڙهو (پوءِ دعا ڪريو) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! بارش ٿيندي.[1] (6): بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ڪاغذ تي 35 ڀيرا (اوّل آخر هڪ ڀيرو درود شريف) لکي ڪري گهر ۾ لٽڪائي ڇڏيو اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! شيطان جو گذر نہ ٿيندو ۽ خوب برڪت ٿيندي. جيڪڏهن دڪان ۾ لٽڪايو تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ڪاروبار خوب چمڪندو. (7): پهرين محرمُ الحرام جو بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 130 ڀيرا لکي ڪري يا (لکرائي ڪري) جيڪو بہ پاڻ وٽ رکي (يا پلاسٽڪ ڪوٽنگ ڪرائي ڪپڙي، ريگزين يا چمڙي ۾ سبرائي ڪري پائي ڇڏي) اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سڄي عمر ان کي يا ان جي گهر ۾ ڪنهن کي ڪا برائي نہ پهچندي. (8): بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم 70 ڀيرا لکي ڪري ميّت جي ڪفن ۾ رکي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! مُنڪر نڪير جو معاملو آسان ٿي ويندو.[2] (بهتر هي آهي تہ ميّت جي چهري جي سامهون قبلي طرف پٽ ۾ محراب جيان طاق ٺاهي ڪري ان ۾ رکي ڇڏيو گڏوگڏ عهد نامو ۽ ميّت جي پير صاحب جو شجرو وغيره بہ رکي ڇڏيو.) (9): ڪپڙا لاهڻ وقت بِسْمِ الله پڙهي وٺڻ سان جنّات اوگهڙ نہ ٿا ڏسي سگهن. ڪمري جو دروازو، دريون، الماڙي جا خانا جيترا ڀيرا بہ کوليو بند ڪيو پڻ لباس، ٿانوَ وغيره هر شيءِ رکندي کڻندي هر ڀيري بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ جي عادت ٺاهي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! سرڪش جنّات توهان جي گهر ۾ داخل ٿيڻ، چوري ڪرڻ توهان جون شيون استعمال ڪرڻ کان رکجي ويندا.[3] (10): مٿي ۾ تيل وجهڻ کان پهريان بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

---

1… شمسُ المعارف مترجَم ،صفحہ:74 بتغير قليل۔

2. شمسُ المعارف مترجَم ،صفحہ:75 بتغير قليل

3… عَمَلُ الْيَوْمِ والليلة لا بن سُنّی ،باب التسمية عند الجلوس على الخلاء،صفحہ:30 ،حديث:21 ماخوذاً

پڙهي ونو نہ تہ 70 شيطان مٿي ۾ تيل وجهڻ ۾ شريڪ ٿي ويندا. (11): گهر جو دروازو بند ڪرڻ وقت ياد ڪري بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ونو اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! شيطان ۽ سرڪش جنّات گهر ۾ داخل نہ ٿي سگهندا. (12): رات جو ڪائڻ پيئڻ جا ٿانوَ بسمِ الله شريف پڙهي ڪري ڍڪي ڇڏيو، جيڪڏهن ڍڪڻ جي لاءِ ڪا شيءِ نہ هجي تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم چئي ڪري ٿانو جي منهن تي ڪکُ وغيره رکي ڇڏيو. مسلم شريف جي هڪ روايت ۾ آهي: سال ۾ هڪ رات اهڙي ايندي آهي جو ان ۾ وبا لهندي آهي جيڪو ٿانو ڍڪيل ناهي هوندو، جيڪڏهن اتان اها وبا گذرندي آهي تہ ان ٿانوَ ۾ لهي ويندي آهي.[1] (13): سمهڻ کان پهريان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي ڪري 3 ڀيرا بسترو ڇنڊي ونو، اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! موذيات (يعني ايذا ڏيڻ وارين شين) کان پناهہ حاصل ٿيندي. (14): ڪاروبار ۾ جائز ڏيتي ليتي جي وقت يعني جڏهن ڪنهن کان ونو تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهو ۽ جڏهن ڪنهن کي ڏيو تہ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم چئو اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! خوب برڪت ٿيندي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ڪنهن قاري صاحب يا عالِم صاحب کي ٻڌائي ونو جيڪڏهن حروف صحيح مخارج سان ادا نہ ٿيندا هجن تہ سکي ونو نہ تہ فائدي جي بدلي نقصان جو انديشو آهي. ياربِّ مصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ! اسان بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم جي برڪتن سان مالامال فرماءِ ۽ هر نيڪ ۽ جائز ڪم جي شروعات ۾ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهڻ جي توفيق عطا فرماءِ

اٰمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: چوڪ درس

پيارا اسلامي ڀائرو! سنّتن جو عامِل ۽ نيڪ پرهيزگار بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو ونو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! دين ۽

1…مسلم،ڪتاب الاشربۃ،باب الامر بتغطيۃ الاناء و ايکاء السقاء...الخ، صفحہ:802 ،حديث:2014۔

2… فيضان سنت، جلد:1، صفحہ: 134، 138

دنيا جون بي شمار ڀلايون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: چوڪ درس. الحمد للّٰه! دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول مسجد ۾ ئي نہ، گهٽي، پاڙن ۽ دڪانن تي وڃي ڪري بہ درس ڏيندا آهن، نيڪيون ڪمائيندا ۽ ٻين کي نيڪيءَ جي دعوت ڏئي ڪري سنّتن جو پيغام عام ڪندا آهن. اچو! چوڪ درس جي هڪ مدني بهار ٻڌون ٿاءِجيئن تہ!

## وقت جو قدر نصيب ٿي ويو

حيدر آباد (اندرون سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مونکي ڪرڪيٽ کيڏڻ ۽ فلمون ڏسڻ جو تمام گهڻو شوق هو، بي عملي جو حال هي هو جو مان جمعي جي نماز بہ نہ پڙهندو هيس بلڪ هي بابرڪت گهڙيون بہ گناهن ۽ فضوليات ۾ گذاري ڇڏيندو هيس. پوءِ مون تي ڪرم ٿيو. اسان جي علائقي ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ چوڪ درس ڏيندو هو، هڪ ڏينهن انهن مونکي محبت ڀري انداز ۾ چوڪ درس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني، خوش قسمتي سان مون انهن جي ڳالهہ توجهہ سان ٻڌي، پوءِ مان روزانو انهن جي درس ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس، ڏينهون ڏينهن منهنجي اندر تبديلي اچڻ لڳي، پوءِ آهستہ آهستہ مان دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ بہ شرڪت ڪرڻ لڳس، اسلامي ڀائرن جو طرزِ زندگي ڏسي ڪري دل خوش ٿي ويندي، ايئن الحمد للّٰه! مان سنورجي ويس، مون فلمون ڏسڻ کان توبهہ ڪئي ۽ پهريان جيڪو وقت ڪرڪيٽ ۾ برباد ڪندو هيس، هاڻي ديني ڪمن ۾ مصروف رهندو آهيان.

زمانے بھر میں مچادیں گے دُھوم سُنّت کی | اگر کرم نے ترے ساتھ دے دیا یاربّ!

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب    صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجهہ

آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: مَنۡ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدۡ اَحَبَّنِي وَمَنۡ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الۡجَنَّةِ جنهن منهنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## پاڻي پيئڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: اُٺ وانگر هڪ ئي ساهي ۾ نہ پيو، بلڪ ٻہ يا ٽي پيرا (ساهہ ڪٽي) پيئو ۽ پيئڻ کان اڳ ۾ بِسۡمِ اللّٰہ پڙهو ۽ پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ عَزَّوَجَلَّ چوندا ڪريو!. (2)

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ڪا ٻي پيئڻ جي شيءِ ❁ پيئڻ کان پهرين بِسۡمِ اللّٰہ پڙهو ❁ چوسي ڪري ننڍا ننڍا ڍُڪ پريو، وڏا ڍُڪ پَرڻ سان جگر (Liver) جي بيماري پيدا ٿيندي آهي ❁ پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو ❁ ساڄي هٿ سان ۽ ويهي پاڻي پيئو ❁ لوٽي وغيره مان وضو ڪيو هجي تہ ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شِفا آهي جو اهو آبِ زمزم شريف سان مشابهت رکي ٿو، ان 2 (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ آب زمزم شريف) کان علاوه ٻيو ڪو بہ پاڻي ويهي ڪري پيئڻ مڪروه آهي. اهي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو ❁ پيئڻ کان پهرين ڏسو تہ پيئڻ جي ٿانوءَ ۾ ڪا نقصان واري شيءِ وغيره تہ ناهي ❁ پاڻي پيئڻ کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہ چئو ❁ امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بِسۡمِ اللّٰہ پڙهي پيئڻ شروع ڪري پهرين ساهي جي آخر

1… تاريخ دمشق، جلد:9، صفحه:343

2… ترمذي، ڪتاب الاشربة، صفحه:464، حديث:1885۔

۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه بي ڪان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه رَبِّ الۡعٰلَمِيۡن ۽ ٽين ڪان پوءِ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي هي هڪ چڱو ڪم آهي ، نه ڪيائين تڏهن به ڪو حرج ناهي ۽ شروع ۾ بسمِ الله ۽ آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ سان به سنّت ادا ٿي ويندي۞گلاس مان بچيل مسلمان جي اُوبر واري صاف پاڻي کي استعمال لائق هجڻ جي باوجود هرويرو اڇلائڻ نه کپي۞منقول آهي: سُؤرُ الۡمُؤمِنِ شِفاءُ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شِفا آهي. پيئڻ جي ڪجھ گھڙي بعد خالي گلاس کي ڏسندا ته ان جي پاسن مان ڪجھ قطرا هيٺ جمع ٿي چڪا هوندا ان کي به پي ڇڏيو. (1)

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبةُ المدينه جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَهۡ جو 91 صفحات جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو، سنّتن سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنّتن ڀريو سَفر به آهي.

آؤ مدنی قافلے میں ہم کریں مل کر سفر
سنّتیں سیکھیں گے اِس میں اِنۡ شَآءَاللّٰہ سر بَسر
مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار
سنتوں کی تربیت کے قافلے میں بار بار [2]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

آمِيۡن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صلی اللّٰہ علیہ وآلہٖ وسلّم

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1…550 سنتيں اور آداب، صفحه:
2…وسائل بخشش، صفحه:635.